# پارن لاء بائبل

تحفو

# هڪ
# چوكري جيكا
# به پيرا زندگي
# گُزري ٿي



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

يائير هڪ يهودي مذهبي اڳواڻ هو، جيڪو خُدا جي عبادت
ڪندو هو ۽ ٻين کي خُدا جو ڪلام سيکاريندو هو. هڪ ڏينهن،
يائير تي وڏي آفت آئي. سندس پياري ڌيءَ،
جيڪا فقط ٻارهن سالن جي هئي،
بيمار ٿي پيئي. ائين لڳي رهيو
هو ته ڪو به هن جي مدد نه
ڪري سگهيندو. اها هڪ
سنگين بيماري هئي.
يائير کي خبر هئي ته
ڇوڪري مري
رهي آهي.



صرف هڪڙو ماڻهو يائير جي ڌيءَ جي مدد ڪري سگهيو ٿي.
يائير يسوع کي ڳولڻ لاءِ ٻاهر نڪري ٿو ۽ کيس گهر
وٺي اچي ٿو. يائير کي خبر هئي ته سندس مذهبي
دوست يسوع کي قبول نه
ڪندا.



پر يائير کي پرواه
ناهُئي. هن کي پنهنجي
ڌيءَ جي مرڻ کان
اڳ فوري مدد جي
ضرورت هئي.



يائير يسوع کي
ماڻهن سان گهيريل
ڏسي ٿو. هن
يسوع جي پيرن
تي سجدو ڪيو.
"منهنجي ننڍڙي
ڌيءَ مرڻ واري
آهي،" بيوس
ماڻهوءَ عرض ڪيو.
"اچو ۽ مٿس هٿ رکو،
ته جيئن هو چڱين ڀلي
ٿئي ۽ جيئري ٿئي."



يسوع يائير سان گڏ وڃي ٿو. پر
وڏي هجوم جي ڪري جلدي نه
پهچي سگهياء، هڪ عورت
ٻارهن سالن ڪان بيمار هئي. هوءَ
سڀني ڊاڪٽرن وٽ وڃي چڪي
هئي (۽ پنهنجو سمورو مال
خرچ ڪري ڇڏيو هو) پر ڪا
به مدد نه ملي سگهي هئي.
واهه، هوءَ وڏيءَ بي صبري
سان يسوع کي ڏسڻ ٿي چاهي!



هڪ عورت ڇا ڪري سگهي ٿي؟
"جيڪڏهن مان صرف هن جي ڪپڙن کي هٿ
لائي وٺان ته، مان شفا حاصل ڪندس،" عورت
چوي ٿي. هُن يسوع ڏانهن پنهنجو رستو ٺاهيندي
رهي. پوءِ هُن پنهنجو هٿ وڌائي يسوع
جي ڪپڙن کي ڇهي ورتو.



هڪ معجزو! هڪ معجزو! عورت
کي شفا ملي ٿي. فوري طور تي!
بلڪل مڪمل طور تي! هوءَ چاڻي ٿي
ته هو هاڻي ٺيڪ ۽ صحتمند آهي. پر
پوءِ هڪ آواز اچي ٿو. "مون کي
ڪنهن هٿ لاٿو؟" يسوع پڇيو. ميڙ
ڪيس هٿ لاٿو هو. پر جنهن عورت
کي شفا ملي هئي ان کي خبر هئي ته
هو چاهي ٿو ته هوءَ ڪيس پنهنجي شفا
جي باري ۾ ٻڌائي. خوفزده ٿي، هوء
ڪيس پنهنجي سچي ڪهاڻي ٻڌائي ٿي.

انهي وقت ياڻير جي گهر مان نوڪر ايندا آهن. انهن جا منهن شايد ڳالهائڻ کان اڳ هڪ اداس ڪهاڻي ٻڌائي رهيا هئا.

"تنهنجي ڌيءَ مري وئي آهي!" هو يار ڪي چوي ٿو. مري وي آهي! هاڻي گهڻي دير ٿي چڪي هئي.

بهرحال، جيڪڏهن اها عورت ڪين دير نه ڪرائي ها...ته شايد...هوءَ مري نه ها! يار جي پياري ننڍڙي ڌيءَ هلي وئي هئي.



جڏهن يسوع اهو ٻڌي ٿو، هو
چوي ٿو. "ڊڄو نه، صرف
ايمان رکو ۽ هوء شفا حاصل
ڪري ٺيڪ ٿي ويندي." يائير
لاءِ اهو ڪيترو ڏکيو هوندو ته
حقيقت ۾ يقين ڪري جيڪو
يسوع چيو هو. سندس ڌيءَ
مري چڪي هئي.



گهر ۾ سڀ ماڻهو ڇوڪري لاء روئي رهيا هئا ۽ ماتم ڪري
رهئا هئا. "هوء مئل ناهي، پر ننڊ ۾ آهي،" يسوع انهن کي
ٻڌائي ٿو. سڀئي مٿس کلندا آهن.
ڪين خبر هئي ته
ڇوڪري مري
وئي آهي.



يسوع سڀني کي ٻاهر ڪڍهي ڇڏيو هو، ڇوڪريءَ کي هٿ
کان وٺي چيو تہ "اي ننڍي ڇوڪري، اُٿ."يائير اتي هو.
سندس زال به اتي هئي. اتي
يسوع جا ٽي شاگرد هئا.
اهي سڀيئي يسوع جا
لفظ ٻڌن ٿا. ڇا ان
ننيڙي ڇوڪري
به هن کي ٻڌو هو؟



مئل چوڪري
يسوع جو
حڪم ٻڌي! هن
جو روح واپس
اچي ٿو ۽ هوء
فوري طور تي
اُٿي بيٺي هُي.
يسوع ڪيس
مئلن مان
جيئرو ڪيو.



چوڪريءَ جا والدين حيران ٿي ويا. يسوع کين چيو ته
چوڪريءَ کي کائڻ لاءِ ڪجهه ڏيو. انهن کي ڪيتري خوشي
محسوس ڪئي هوندي؛ اُهي يسوع جا ڪيترا شڪرگذارٿيا
هوندا. هن جي حيرت انگيز
طاقت ۽ پيارھُن ڌيء کي
مئل مان واپس آندو.



هڪ ڇوڪري جيڪا ٻه ڀيرا زندگي گُزري ٿي

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

مرقس۵، لوقا ۸

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏيندو."
زبور 119: 130

ختم

49

60

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۂ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۂ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.